SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1990
SINDH ACT NO.I OF 1990

سنڌ سمال انڈسٽريز ڪارپوريشن (ترميم) ايڪٽ، 1989
THE SINDH SMALL INDUSTRIES CORPOARATION (AMENDMENT) ACT, 1989

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act of XXVI of 1972

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1990
SINDH ACT NO.I OF 1990

سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (ترميم) ايڪٽ، 1989

THE SINDH SMALL INDUSTRIES CORPOARATION (AMENDMENT) ACT, 1989

[8 جنوري 1990]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (ترميم) ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act of XXVI of 1972

2. سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 جي دفعه 5 ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(i)صنعتن وارو وزير، حڪومت سنڌ	چيئرمين
(ii)سيڪريٽري، انڊسٽريز ۽ معدني ترقي کاتو، گورنمينٽ آف سنڌ يا سندس نامزد ڪيل جيڪو بي ايس 19 جي عملدار کان گهٽ نه هجي.	ميمبر
(iii)سيڪريٽري، ناڻو کاتو، حڪومت سنڌ يا سندس نامزد ڪيل	

جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هجي.	ميمبر
(iv)منصوبابندي ۽ ترقي کاتي جو هڪ نمائندو جيڪو بي ايس 15 جي عملدار کان گهٽ نه هجي.	ميمبر
(v) اسيمبلي طرفان چونڊيل چار صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ميمبر، هر رويني ڏويزن مان هڪ	ميمبر
(vi)چيئرمين جي سفارش تي ٽن سالن جي مدي لاءِ هر رويني ڏويزن مان حڪومت طرفان مقرر ڪيل سنڌ جو ڏوميسائيل رکندڙ چار ماڻهو ، ۽ ان کان پوءِ به وڌيڪ ٽن سالن جي مدي لاءِ مقرر ٿي سگهن ٿا.	ميمبر
(vii)انڊسٽريل ڊولپمينٽ آف پاڪستان، ايڪسپورٽ پروموشن بيورو، گورنمينٽ آف پاڪستان ۽ ٽريننگ ڪارپوريشن آف پاڪستان هر هڪ مان هڪ نمائندو.	ميمبر
(viii)سنڌ صوبي جي نمائندگي ڪندڙ فيڊريشن آف چيمبرس آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جا ٻه ميمبر	ميمبر
(ix)صنعتي شعبي سان ڊيل ڪندڙ آل پاڪستان ويمنس ايسوسيئيشن جو هڪ نمائندو	ميمبر
(x)مئنيجنگ ڊائريڪٽر، سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن	ميمبر

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن
جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾
استعمال نٿو ڪري سگهجي